SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 2000

SINDH ORDINANCE NO.III OF 2000

سنڌ لينڊ روينيو (منسوخي) آرڊيننس، 2000

THE SINDH LAND REVENUE (ABOLITION) ORDINANCE, 2000

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. لينڊ روينيو اوڳاڙڻ تي پابندي
Bar on charge of the land revenue

4. لينڊ روينيو جي اوڳاڙي ۽ وصوليءَ لاءِ عرصو
Charge and period for collection of the land revenue

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 2000

SINDH ORDINANCE NO.III OF 2000

سنڌ لينڊ ريونيو (منسوخي) آرڊيننس، 2000

THE SINDH LAND REVENUE (ABOLITION) ORDINANCE, 2000

[17 مئي 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لينڊ ريونيو کي ختم کيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لينڊ ريونيو کي ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن تي ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لينڊ ريونيو (منسوخي)

آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو. (2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.	شروعات Short title and commencement
2. (i) "ايڪٽ" مطلب سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967. (ii) "لينڊ روينيو" مطلب لينڊ روينيو جيئن ايڪٽ ۾ بيان ڪيو ويو آهي.	وصفون Definitions
3. جيستائين ڪجهه ايڪٽ يا وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نه هجي، ڪا به لينڊ روينيو خريف 2000_1999 کان نه اوڳاڻي ويندي.	لينڊ روينيو اوڳاڻڻ تي پابندي Bar on charge of the land revenue
4. هن آرڊيننس ۾ شامل ڪجهه خلاف نه آهي ته به خريف 2000_1999 کان اڳ ڪنهن شخص ڏانهن واجب الادا جي ذميداري يا خريف، 1999 کان اڳ واري عرصي لاءِ لينڊ روينيو لڳائڻ، اوڳاڻڻ ۽ جمع ڪرڻ هن ايڪٽ تحت لڳايو، اوڳاڻيو ۽ جمع ڪيو ويندو.	لينڊ روينيو جي اوڳاڻي ۽ اوڳاڻي لاءِ عرصو Charge and period for collection of the land revenue

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي